ڪي دور ڪرڻ جا وسيلا ڳولهجن. اُتم انهيءَ ڏس ۾ ڀرپور ڪوششون شروع ڪيون، ’نئين دنيا‘ ڇپائيندو رهيو، لکڻيون قائم رکيون ۽ ٻين ڪي همٿائڻ جو سلسلو قائم رکيو. ڦٽندڙ شاعرن، ليکڪن کي مخزن ۾ ڇپائي اُتساهه ڏيکيو. نئين ليکڪ لاءِ ان کان وڏيڪ خوشيءَ جو باعث ڪونهي. ’نئين دنيا‘ جو ذريعو ميسر ڪري هُن ساهتڪارن جو شان بُلند ڪيو. اُتم اهو ڪاريه اُتم طرح نڀايو.

اُتم کي جوشيلو ۽ تکِي قلم وارو ليکڪو ويو آهي. اُن ۾ شڪ ڪونهي ته سندس طنز سمالوچنا سدائين قابل قدر هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اُتم سندي ساهت کي مٿاهين سطح تي پهچايو آهي. آشا آهي ته ايندڙ ساهتڪار اِها ادِ قائم رکندا. سندي کي اجان به ڏکين ڏولائن مان گذرڻو پوندو، جنهن لاءِ ٻوليءَ کي اُتم جهڙن سونهن جي اجان به درڪار رهندي. اُتم توکي سلام !